لطف الله سيال

# شاهه لطيف جي سُر سامونڊيءَ ۾ ساڪن ۽ متحرڪ عڪسن جو اڀياس


***Abstract:***

**A VIEW OF STATIC AND KINATIC IMAGES IN 'SUR SAMOONDI' OF SHAH LATIF**

*The poetry of Shah Latif is full of natural scenes and beauty on the one hand while on the other hand his poetry is full of different images, of which, static and kinetic images are found within different styles of his poetry. The said images have come to acquire great importance in the image art of Sindhi poetry.*

*The recreation of a scene once observed or witnessed by the poetic eye in the form of words is called an image. If an image during the course of study creates a feeling of static picture in shape of words then such would be termed as static images. On the other hand if such image creates a feeling of kinetic picture in shape of words same would be called a kinetic image.*

*The static and kinetic images in Sur Samoodi of Shah Latif is the subject of this study. During the course of research of poetry of Shah Latif, Sur Samoondi in particular, it is concluded that even after the passing of centuries, static and kinetic images available in Sur Samoondi of Shah Latif continue to look afresh as if newly used in his poetry.*

*In this paper the study of static and kinetic images in sur samoondi of Shah Latif is given prominence.*


**سنڌ** اها ڀاڳوند ڌرتي آهي، جتي هميشه عظيم هستين جنم ورتو آهي ۽ پنهنجي عمر ڌرتي کي ارپي، تاريخ جا امر ڪردار بڻجي ويا آهن. سورهيائي هجي توڙي ڪلاڪيتر، سنڌي سورهيه ۽ ڪوي پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم احسن نموني سرانجام ڏيندا رهيا آهن. انهن منجهان شاهه لطيف به اهڙو ئي عظيم ۽ امر ڪردار آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ کي شاعريءَ جي صورت ۾ نون لفظن، نون اصطلاحن ۽ استعارن





جو اکٽ ڀنڊار ڏئي مالامال ڪري، شاعري جي ڪيتر ۾ سنڌ جي سجاڻپ بڻجي ويو. سندس شاعري گهڻ رُخي آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ هڪ ئي وقت وطن پرستي، ڌرتيءَ سان محبت، انسان دوستي، همت ۽ جستجوءَ جا پهلو شامل آهن. ان سان گڏوگڏ زندگيءَ سان لاڳاپيل ڪوبه اهڙو پهلو نظر نه ٿو اچي، جنهن کي شاهه لطيف پنهنجي مشاهداتي اک سان نه ڏٺو هجي ۽ پنهنجي شاعراڻي شعور سان شاعريءَ جو روپ ڏئي، سنڌي ٻوليءَ کي مالامال نه ڪيو هجي. شاهه لطيف جي شاعري، جتي فطرت جي سهڻي رنگن ۽ جماليات سان ٽمٽار آهي، اُتي سندس شاعري، مختلف قسمن جي عڪسن سان پڻ مالامال آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ هڪ ئي وقت مختلف قسمن جا عڪس موجود آهن، جن مان ساڪن ۽ متحرڪ عڪس منفرد حيثيت رکن ٿا. هي تحقيقي مقالو شاهه لطيف جي سُر سامونڊيءَ ۾ ساڪن ۽ متحرڪ عڪسن جي اڀياس تي مشتمل آهي، تنهنڪري هتي صرف انهن ٻن قسمن جي عڪسن جو تحقيقي جائزو ورتو ويو آهي.

شاعريءَ ۾عڪس ايترا ئي پراڻا آهن، جيتري خود شاعري. شاعريءَ ۾ عڪسيت اهو وکر آهي، جيڪو ڪڏهن به پراڻو نه ٿو ٿئي، هردور ۾ نڪور محسوس ٿئي ٿو. اهڙي ئي عڪسي نواڻ ٽي سوسال اڳ لکيل، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اڄ پڻ موجود آهي.

ساڪن توڙي متحرڪ عڪس پيدا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري ناهي ته، شاعر جو سمورو بيت ئي ساڪن يا متحرڪ عڪسن تي مشتمل هجي، شاعر ڪنهن هڪ لفظ، هڪ مصرع، بيت جي هڪڙي پد جي صورت ۾ پڻ عڪس پيدا ڪري سگهي ٿو. ان ڪري هن مقالي ۾، شاهه لطيف جي سُر سامونڊيءَ ۾ موجود بيتن مان صرف انهن سٽن کي مطالعي هيٺ آندو ويو آهي، جن ۾ ساڪن ۽ متحرڪ عڪس موجود آهن.

ان کان اڳ جو شاهه لطيف جي سُر سامونڊيءَ ۾ موجود ساڪن ۽ متحرڪ عڪسن جو اڀياس ڪجي اهو ڄاڻڻ تمام ضروري آهي ته عڪس ڇا آهي.

## **عڪس** :(Image)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ولن (Willin)۽ اسٽين من (Stein - Mann)جي حوالي سان عڪس لاءِ لکي ٿو ته: ”عڪس هڪ اهڙو اظهار آهي، جنهن سان پڙهندڙ جي دل ۾ هڪ ذهني خاڪو پيدا ڪري ٿو سگهجي.“[(١)]

جڏهن تہ ڊاڪٽر صاحب، آئزڪس (Issacs) جي حوالي سان عڪس بابت لکي ٿو تہ: ”عڪس اها شيءِ آهي جا ذهني ۽ جذباتي (Intellectual and Emotional) احساس (Complex) کي ڪنهن خاص ۽ مقرر ڪيل وقت ۾ پيش ڪري.“[۲]

هو عڪس بابت مشهور شاعر، ازرا پائونڊ جو خيال هن طرح پيش ڪري ٿو تہ: ”عڪس هڪ اهڙي لفظي سرشتي جو نالو آهي، جيڪو جذبات ۽ ذهني واردات جي گڏيل ڪيفيتن کي ڪنهن خاص ۽ مقرر وقت ۾ پيش ڪري.“[۳]

ڊاڪٽر ڀوهيو صاحب شپلي (J. T. Shipely) جي حوالي سان عڪس جي وضاحت ڪندي لکي ٿو: ”عڪس ڪنهن شيءِ جي ٻاهرين مشاهدي (Sensual experience) کي اصل ذهني ڪيفيت (Sign) يا لفظ جي باطن جي ويجهو وٺي ٿو وڃي.“[۴]

جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو محقق، تنوير عباسي عڪس ۽ عڪسي شاعريءَ بابت لکي ٿو تہ: ”عڪس ان حاصل ڪيل معلومات کي وري جاڳائڻ يا پيدا ڪرڻ جو نالو آهي. هونءَ تہ ڪي ئي واقعا ۽ نظارا اسان جي لاشعور ۾ موجود آهن، پر انهن کي ٻيهر ياد ڏيارڻ يا ٻيهر پيدا ڪرڻ جو نالو ’عڪسي شاعري‘ آهي.“[۵]

جڏهن تہ هو عڪس پيش ڪرڻ بابت وڏيڪ لکي ٿو تہ: ”شاعريءَ ۾ ڪنهن بہ شيءِ جي عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ اها انهن مان ڪنهن بہ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ يا مڙني حواسن جي ڏنل معلومات کي وري تصوراتي وجود ۾ آڻڻ جي ڪوشش ٿيندي.“[٦]

عڪس بابت مختلف عالمن جي مٿي بيان ڪيل راين مطابق عڪس شاعر لاءِ هڪ اهم ۽ بنيادي هَٿي آهي، جيڪا سندس خيال يا تصور کي پڙهندڙ تائين اثرائتي انداز سان پهچائڻ جو سڀ کان ڪارائتو ذريعو آهي. جنهن مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ، شاعر جي حِسي تجربي/ مشاهدي يا تخيلاتي اظهار کي پڙهندڙ اڳيان ٻيهر پيدا ڪرڻ يا پيش ڪرڻ کي عڪس چئبو آهي. جيڪو شاعر ۽ پڙهندڙ/ ٻڌندڙ جي وچ ۾ احساساتي تعلق/ تاثر پيدا ڪرڻ لاءِ سڀ کان اهم ۽ اثرائتو ذريعو آهي. يا ائين ڪٺي چئجي تہ، عڪس تخليقڪار طرفان ڪنهن منظر يا نظاري جي ظاهري صورت کي لفظن ذريعي ٻيهر وجود ۾ آڻڻ يا پيدا ڪرڻ جو نالو آهي.

جيئن تہ هن مقالي جو محور شاهہ لطيف جي سُر سامونڊيءَ ۾ ساڪن ۽ متحرڪ عڪسن جو اڀياس آهي، تنهن ڪري هن مقالي کي صرف شاهہ جي سُر





سامونڊيءَ ۾ موجود، ساڪن ۽ متحرڪ عڪسن تائين محدود ڪيو ويو آهي. ان کان اڳ جو شاهہ لطيف جي سُر سامونڊيءَ ۾ساڪن ۽ متحرڪ عڪسن جو اڀياس ڪجي، اها ڳالهہ ڄاڻڻ ضروري آهي تہ ساڪن عڪس ۽ متحرڪ عڪس ڇا آهن، تہ جيئن اهو ڄاڻڻ ۾ سولائي پيدا ٿئي تہ، شاهہ لطيف جي سُر سامونڊيءَ ۾ آيل شاعري ان ڏس ۾ ڪهڙي پد تي پهتل آهي.

## ساڪن عڪس:

لفظن جي اهڙي ترڪيب، جنهن کي پڙهڻ سان پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ اهڙا عڪس پيدا ٿين يا اُڀري بيهن، جيڪي ساڪن محسوس ٿين يا جن ۾ تحرڪ نہ هجي، اهڙن عڪسن کي ’ساڪن عڪس‘ چئجي ٿو.

ساڪن عڪس بابت تنوير عباسي پنهنجي ڪتاب ’شاهہ لطيف جي شاعري‘ ۾ هن ريت وضاحت ڪئي آهي تہ:

”نظارا فوٽو گراف وانگر بہ ٿيندا آهن، جيڪي ڄميل ۽ بيٺل (جامد ۽ ساڪت) ٿيندا آهن.“[٧]

## شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ ساڪن عڪس جو استعمال:

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ پڻ ٻين عڪسن سان گڏوگڏ، ساڪن عڪسن جو استعمال ججهي تعداد ۾ ملي ٿو. شاهہ لطيف سُر سامونڊيءَ ۾ ساڪن عڪس ڪيئن پيدا ڪري ٿو، اهو پرکڻ لاءِ سندس هيٺيون بيت مطالعي لاءِ پيش ڪجي ٿو.

سيِئي جويَن ڏينهن، جَڏهِن سَجَڻ سَفرِ هَليا،
رُئان رَهَنِ نہ سُپرِين، آيَلِ کَريان کِيئَن،
مُون کي چاڙهِي چِيئَن، ويو وَڻِجارو اوهرِي![ص: ۳۱۸]

مٿين سٽن پڙهڻ سان پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾، ڦوهہ جوانيءَ ۾ پنهنجي ور جي وڇوڙي جي غمن ۾ چُور سراپا انتظار بڻيل وڻجارِيءَ جو عڪس اُڀري پوي ٿو، جنهن جي اکين جا ڳوڙها بہ سفر تي ويندڙ سندس ور کي روڪي نہ سگهيا هجن ۽ وڻجارِي جيئري ئي چکيا تي چڙهي ويئي هجي. مٿين سٽن ۾ اهڙو عڪس اُڀري بيهي ٿو، جيڪو تصوير جيان بلڪل ئي ساڪن محسوس ٿئي ٿو.

شاهہ لطيف جبلن، ڍنڍن، ندين، درياهن، سمندن، ٿرن برن، جهنگن جهرن،

برپٽن، بندرن توڙي ٻين ڪيترن ماڳن جو پيرين پنڌ مشاهدو ڪيو ۽ انهن فطرت جي مختلف منظرن ڪي سندس شاعراڻي اک انتهائي خوبصورتيءَ سان جهٽي پنهنجي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ عڪس جوڙي انهن ڪي لفظن جي صورت ۾ اهڙي ته ڪاريگريءَ سان ٻيهر پيدا ڪيو آهي، جو اهي لفظن جي صورت ۾ عڪس ٿي اُڀري بيهن ٿا ۽ لطيف جو عڪس نگاريءَ وارو لطيف فن ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نکري بيهي ٿو.

سُر ساموندڪيءَ جي هيٺين بيت ۾، شاهه لطيف ساڪن عڪس پيش ڪرڻ ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهي، اها پرک ڪرڻ لاءِ سندس هيٺيون بيت مطالعي هيٺ آڻجي ٿو.

نَہ سِي تَڙِ هوڙاڪَ، نَہ وايُون وَڻجارَنِ جُونَ،
سَرَتِيُون ساموُنڊِيَنِ جا، اَڄُ پُٽِ ڇڪِيَمِ چاڪَ،
مارِينهُون فِراقَ، پاڙِپِچيون پِريَن جا.(ص: ٣١٨)

مٿين سٽن پڙهڻ سان پڙهندڙ پنهنجي پاڻ کي سمنڊ جي ڪناري تي بيٺل محسوس ڪري ٿو، جتي ڪيس وڻجاري جي ونيءَ اندر ۾ وڇوڙي جي وڍن جا گهاءُ سانڍي بيٺل نظر اچي ٿي، جتي نہ ٻيڙيون آهن، نہ وڻجارن جون اهي رهاڻيون آهن، فقط وڻجارِي سراپا درد ۽ سراپا انتظار مورتيءَ جيان منجمند نظر اچيس ٿي. شاهه لطيف سُر ساموندڪيءَ جي مٿين بيت ۾ ساڪن عڪسن جي لفظن جي صورت ۾ انتهائي خوبصورت چٽسالي ڪئي آهي.

شاهه لطيف، هيٺين بيت ۾ ساڪن عڪس ڪيئن پيدا ڪيا آهن، اهو پرکڻ لاءِ بيت جو مطالعو ڪرڻ لازمي آهي.

اُونهي ۾ اوهَرِي، جَڏهِن وِيا ڄِي،
موٽِي ماڳِ نہ آئِيا، ماءِ! ساموُنڊِي سِي،
ڪارو تَنِين ڪَي، ڄيڪُسِ وَهُ وري وِيو!(ص: ٣١٩)

مٿين سٽن پڙهڻ سان پڙهندڙ پنهنجي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ اهڙا احساساتي عڪس اُڀرندي محسوس ڪري ٿو، جن ۾ ساموندڪيءَ جي وني کي اڻٽڻ ۽ الڪن جي ٽياس تي ٽنگيل محسوس ڪري ٿو، جنهن جي ذهن ۾ اهي خيال گهر ڪري ويا هجن تہ شايد، ساموندي اونهي ساگر ۾ ٻيڙا ڪاهي هليا ويا آهن، سندن ٻيڙا ڪاري پاڻيءَ جي ڇولين جي ور چڙهي، عميق ۾ گم ٿي ويا آهن ۽ ڪاري پاڻيءَ سندن وجود





وڃائي يا ڳاري ڇڏيو آهي. مٿيون بيت هونءَ تہ شايد فقط ڳالهه محسوس ٿئي، پر وڻجارِيءَ جي موجودگي ۽ سندس احساس اهڙو تہ خوبصورت ساڪن عڪس جوڙين ٿا، جيڪو بيت جي حسن ۾ وڌيڪ سونهن پيدا ڪري ٿو ۽ پڙهندڙ پاڻ کي ان کان الڳ ڪرڻ جي سگهه ساري نہ ٿو سگهي.

هيٺين بيت کي مطالعي هيٺ آڻجي ٿو تہ جيئن شاهه لطيف پاران پيدا ڪيل ساڪن عڪس جي پرک ڪري سگهجي.

وڃيئي وِسَري شالَ! جو تُون سودو سِڪِيو،
اَچا آئِين ڪالهَ، موٽِيو سَفَر سَنبهِين.(ص: ٣٢٠)

مٿيون سٽون پڙهڻ سان پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ وڻجارِيءَ جو اهڙو ساڪن عڪس اُڀري ٿو جو پڙهندڙ پنهنجي سامهون وڻجارِيءَ کي پنهنجي ور جي صحبت لاءِ تڙپندي ۽ ڏوراپا ڏيندي محسوس ڪري ٿو تہ جيڪو هو سودو سکيو آهي شال ڪيس وسري وڃي، ڇوجو هڪ ڏينهن اڳ ايندڙ سندس ڪانڌ وري سفر جا سانباها پيو ڪري.

هيٺين بيت ۾ پڻ شاهه لطيف، ساڪن عڪس جو خوبصورت نمونو پيش ڪيو آهي.

ڳِرِيو جهَليو روءِ، مَٽِي مُهرِي هَٿَڙا،
ڪوءِ! سودو سَندوءِ، جوتُون، ڍوليا سِڪِيو.(ص: ٣٢٠)

مٿيون سٽون پڙهڻ سان پڙهندڙ پنهنجي ذهن تي احساساتي عڪس اُڀرندي محسوس ڪري ٿو ۽ پڙهندڙ ٻيڙيءَ جي مهڙ وٽ وڻجارِيءَ کي ڳِريي کي جهلي هنجون هاريندي پسي رهيو آهي، جيڪا پنهنجي ور کي ڏوراپو ڏيئي تہ لالڻ تنهنجو اهو سودو ٿي ٻن پيو، جيڪو تون سودڻ سکيو آهين. شاهه لطيف لفظن جي صورت ۾ مٿين بيت ۾ اهڙو تہ خوبصورت ساڪن عڪس پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، جو پڙهندڙ پاڻ کي اجو ڪرڻ جي سوچ ذهن ۾ آڻڻ کان بہ قاصر رهجي وڃي ٿو.

اهڙيءَ طرح هيٺيون بيت پڻ شاهه لطيف جي ساڪن عڪس پيدا ڪرڻ جو مظهر آهي.

اُلوڙَڻَ نہ ڏِئي، وَرُ وِڌائين وَنجهَ ڪي،
رَهُ اَجوڪِي راتِڙِي، لالَنَ مُون لائِي،
وَڄُ مَر ڦوڙائِي، ايڏِي سَفَرِ، سُپرِين.(ص: ٣٢١)

مٿين بيت ۾ اهڙو تہ خوبصورت عڪس پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ پڙهندڙ

ڪي پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ٿئي ٿو. پڙهندڙ پنهنجي سامهون وڻجاريءَ ڪي ونجهه ڪي پاڪر وجهي قابو ڪندي ۽ ٻيڙيءَ چُرڻ نه ڏيندي محسوس ڪري ٿو. گڏوگڏ ڪيس التجا ڪندي محسوس ڪري ٿو ته اي ڍولڻ منهنجي لاءِ اڄوڪي رات رهي پئو مونکي وڇوڙو ڏيئي، ايڏي سفر تي نه وڃ. مٿين سٽن ۾ شاهه لطيف وڻجاريءَ جي تڙپ ۽ بيوسي جو عڪس ڀيهر پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

ساڳيءَ ريت هيٺين بيت ۾، شاهه لطيف عڪس نگاريءَ جو نمونو ساڪن عڪس جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن ڪي پرکڻ لاءِ هيٺ ڏنل بيت مطالعي لاءِ پيش ڪجي ٿو.

اُپيُون تَڙَ پوُڄِين، وَهوُن وَڻجارَن جِيُون،
آڻيو آڪا ڏِين، ڪَٿوري، سَموُنڊَ ڪي.(ص: ٣٣٦)

مٿين سٽن ۾ وڻجارن جي زالن پاران ڪناري تي بيهي ادب ۽ احترام سان پاڻيءَ ڪي پوڄڻ، سمنڊ ڪي مشڪ ۽ عنبر جا اڪا ڏيڻ جي عمل ڪي عڪس جي صورت پيش ڪيو ويو آهي، جنهن مان واضح ٿئي ٿو ته شاهه لطيف عڪس نگاريءَ جي لحاظ کان ٻين شاعرن کان مٿاهين پد تي بيٺل آهي.

شاهه لطيف جي سُر سامونڊيءَ جي هيٺين بيت ۾ پڻ ساڪن عڪس پيش ڪيو ويو آهي، جيڪا ڳالهه جاچڻ لاءِ هيٺين بيت ڪي مطالعي هيٺ آڻجي ٿو.

موُن اُڀي تَڙَ هيٺِ، پرِيَن پَڳهَه ڇوڙِيا،
ڪا مُنهِين ۾ ڏيٺِ، ناتَ سَڄڻَ سَباجها گهٽوُن.(ص: ٣٢٨)

مٿين سٽن پڙهڻ سان پڙهندڙ اهڙا ساڪن عڪس پيدا ٿيندي محسوس ڪري ٿو، جنهن ۾ هو وڻجاريءَ ڪي بيٺي ڏسي ٿو جنهن جو ڪانڌ، ٻيڙيءَ جا پڳهه ڇوڙي هليو ويو آهي.

## متحرڪ عڪس:

اهڙو عڪس، جنهن ۾ ڪنهن عڪس جي تحرڪ (حرڪت) ڪي ڀيهر پيش ڪيو وڃي، يعني ڪنهن عڪس جي حرڪت پيش ڪئي وڃي ان ڪي متحرڪ عڪس چئبو آهي.

متحرڪ عڪس جي وضاحت تنوير عباسي پنهنجي ڪتاب ’شاهه لطيف جي شاعري‘ ۾ هن ريت ڪئي آهي ته:





”شاعر جي حساس نظر نه رڳو روپ ۽ رنگ ڪي ٿي جهٽي، پر ان جي چرپر (تحرڪ) ڪي پڻ قابو ٿي ڪري. مثال طور: وڄهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪاري هڻن.“(٨)

هن سٽ ۾ جنگ جي ميدان جو متحرڪ عڪس پيش ڪيو ويو آهي.

## شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ متحرڪ عڪس جو استعمال:

شاعر جي اک عام ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ فطرت جي حسين منظرن ڪي وڌيڪ خوبصورتيءَ سان جهٽڻ جي سگهه رکندي آهي. شاهه لطيف عڪس نگار شاعرن جي سرواڻي ڪندي نظر اچي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ مٿي ذڪر ڪيل عڪسن جا سڀ قسم جهجهي تعداد ۾ ملن ٿا. شاهه لطيف جي سُرسامونڊيءَ ۾ موجود متحرڪ عڪسن جي مطالعي لاءِ هيٺ ڪجهه بيت ڏجن ٿا.

چمڪِيُون چوڌارَ، ڏَجُون ڏاڙيڇَن جِيُون،
ماءِ! ساموُنڊي آئِيا، سَهسِين ڪَري سينگارَ،
اُنهِين جِي پَچارَ، ڪالهُونڪَرَ ڪانگُ ڪَري.(ص: ٣٢٣)

شاهه لطيف جي هن بيت ۾ هڪ متحرڪ عڪس پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سامونڊي جهاز جي جهنڊين ڦڙڪڻ جي تحرڪ ڪي عڪس بند ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پس منظر ۾ سمنڊ ۾ جهاز جي ترڻ جي تحرڪ ڪي پڻ عڪس بند ڪيو ويو آهي. هي بيت پڙهڻ سان ئي پڙهندڙ جي ذهن تي سامونڊي جهاز تي لڳل جهنڊين جي ڦڙڪڻ ۽ جهاز جي ترڻ جي عڪس جو تحرڪ اڀري پوي ٿو. جنهن سان ائين لڳي ٿو ڄڻ پڙهندڙ سمنڊ جي ڪناري تي بيٺل آهي ۽ هو پري کان ايندڙ جهاز جي ڌيمي تحرڪ ۽ ان مٿان ڦڙڪندڙ جهنڊين ڪي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهي. اهڙيءَ طرح هن بيت ۾ موجود عڪس جي تحرڪ ڪي پيش ڪرڻ جو فن ڪمال درجي تي پهتل محسوس ٿئي ٿو.

شاهه لطيف متحرڪ عڪس پيدا ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهي، اهو معلوم ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏنل بيت مطالعي هيٺ آڻجي ٿو.

سِڙهَ ٽِي سِبِيائُون، بَندَرَ جَن تَڙن تي،
سِڙهَ سِبي ساڃا ڪَري، ڪوُها ڪَنيائُون،
ٻيرَقُون بَحَرن ۾، ڇوڙي ڇَڏيائُون،
لَهرِيُون لَنگهِيائُون، لُطفَ سانءُ لَطيفُ چئي.(ص: ٣٣٦)

مٿين سٽن پڙهڻ سان پڙهندڙ جي ذهن تي بندر جي تڙن تي سڙهه سبڻ جا عکس، سڙهه سبي پختا ڪرڻ جا عکس، ڪوها ڪٽڻ جا عکس، بحرن ۾ بيرقون/ جهنڊيون چوڙي ڇڏڻ جا عکس، لهرن مان لنگهي پار ٿيڻ جا عکس اُڀري بيهن ٿا.

مٿين سيني عکسن جي امتزاج سان پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ هڪ اهڙو متحرڪ عکس پيدا ٿئي ٿو، جو پڙهندڙ پنهنجي پاڻ کي بندر جي تڙن تي موجود پائي ٿو، جتي سامونڊين کي سڙهه سبندي، سڙهه سبي پختا ڪندي، ڪوها ڪٽندي، ڪين بحرن ۾ بيرقون/ جهنڊيون چوڙيندي ۽ لهرن مان لنگهي پار ٿيندي پسي ٿو.

شاهه لطيف جي سُر سامونڊيءَ جي هينين بيت ۾ متحرڪ عکس ڪيئن پيدا ٿين ٿا، ان لاءِ بيت کي مطالعي هيٺ آڻجي ٿو.

ڪارِي ڪپڙائُو، مَٿي مِڻي موتِيا،
سودو ڪَنِ نه سونَ جو، وَڏا وِها ئُو،
موتِي جي مِهراڻَ جا، تَنِ جا طاماعُو،
سامُونڊي سائُو، لَنڪا لوڀي آئِيا.(ص: ٣٢٩)

مٿين سٽن پڙهڻ سان پڙهندڙ جي اکين جي اڳيان ڪاري پاٽيءَ کي جهاڳڻ جا عکس، مٺي/ نديءَ جي پاٽيءَ ڏانهن موٽڻ جا عکس، وڏي سوداگرن جي سون جي سودي نه ڪرڻ جاعکس، سمنڊ ۾ موجود موتين جي طمع رکڻ جا عکس، پاڳن وارن سامونڊين جي لنڪا (سلون) لُٽي اچڻ جا عکس جُڙن/ پيدا ٿين ۽ ورجائيندي محسوس ٿين ٿا.

عکسي شاعريءَ ۾ پڻ شاهه لطيف، مڙني عکسي شاعرن کان منفرد انداز ۾ عکس نگاري ڪئي آهي. جنهن جو مثال هينين سٽن ۾ موجود متحرڪ عکس جي صورت ۾ پسي سگهجي ٿو.

اَڄُ پڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃڻَ جيُون،
هَلَڻَ هارا سُپِرين، رُوئان تان نَه رَهَنِ،
آءُ جَهلِيندي ڪيتَرو، آيَل سامُونڊيَنِ،
پَڳَهَه چوڙِي جَنِ، وِڌا ٻيڙا ٻارِ ۾.(ص: ٣٣٣)

مٿين سٽن پڙهڻ سان پڙهندڙ جي اڳيان وڻجارن جي وڃڻ جي واين جاعکس، هلڻ هارن سپرين جي روئڻ تي به نه رهڻ جا عکس ۽ پڳهه چوڙي ٻيڙا ٻار ۾ وجهڻ جا عکس، سمورا عکس يڪجا ٿي ڪري، هڪ اهڙو متحرڪ عکس جوڙين ٿا، جو





پڙهندڙ پنهنجي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ فلم جي منظر جيان وڻجارن کي وڃڻ جون وايون ڪندي، محسوس ڪري ٿو، سامونڊين کي جهلڻ جي باوجود به پڳهه چوڙي ٻيڙا ٻار ۾ وجهندي پسي ٿو.

شاهه لطيف، پنهنجي نظرن سان ڪيئن منظر جهٽيا آهن ۽ انهن کي پنهنجي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ ڪيئن ٻيهر لفظن جي عکسي صورت ۾ پيدا ڪيو آهي، ان کي پرکڻ لاءِ سندس سُر سامونڊيءَ جي هينين بيت جو اڀياس ڪجي ٿو.

وائُنِٽيون ٽِيُون وَرَڪَنِ، اَڃا سِڙَهه نه پَڌرا،
سِپِئِي ٽِيُون مَرڪَنِ، جَنِين سَندا آئِيا.(ص: ٣٣٧)

مٿين سٽن پڙهڻ سان پڙهندڙ جي ذهن تي جهنڊين جي ڦڙڪڻ جا هوبهو عکس اُڀري اچن ٿا ۽ پڙهندڙ اها وارتا پنهنجي اکين اڳيان ٿيندي محسوس ڪري ٿو. شاهه لطيف مٿين بيت جي پهرين پد ۾ جهنڊين جي ڦڙڪڻ جي لفظن جي صورت ۾ انتهائي خوبصورت متحرڪ عکس پيش ڪيا آهن، جنهن کي پڙهڻ سان پڙهندڙ عکس جي تحرڪ جو ورجاءُ ٿيندي محسوس ڪري ٿو.

متحرڪ عکس جو مظهر شاهه لطيف جو هي هيٺ ڏنل بيت پڻ آهي جيڪو مطالعي لاءِ پيش ڪجي ٿو.

لاڄُو ٽا لَوَنِ، اَچَنِ سِڙَهه اُپِٽيا،
ڪارَڻِ تَنِ پِرِيَنِ، وِيٺي واٽَ نِهارِيان.(ص: ٣٣٥)

مٿيون سٽون پڙهڻ سان پڙهندڙ جي تصور ۾ هڪ اهڙو عکس پيدا ٿي پوي ٿو، جنهن ۾ عکس جي تحرڪ کي پيش ڪيو ويو آ هي، ائين پيو لڳي ڄڻ پڙهندڙ عکس ۾ پيش ٿيل جهاز جا ونجهه پنهنجي اکين سان لُڏندي محسوس ڪري رهيو آهي. هن بيت جي پهرين پد ۾ شاهه لطيف عکس ۾ لڏندڙ ونجهه جي تحرڪ کي پيش ڪيو آهي، جنهن کي پڙهندڙ ڄڻ ته پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهي.

## ساڪن عکس ۽ متحرڪ عکس جو لاڳاپو:

ساڪن عکس ۽ متحرڪ عکس معنيٰ توڙي مفهوم جي لحاظ کان هڪٻئي سان تضاد رکندڙ عکس هوندي به هڪٻئي سان اهڙيءَ طرح جُڙيل آهن، جو عکس جڏهن منجمند يا ساڪت آهي ته ’ساڪن عکس‘ جي نشاندهي ڪري ٿو، پر

جيڪڏهن تحرڪ ۾ آهي يا جڏهن حرڪت ڪندي محسوس ٿئي ٿو ته ’متحرڪ عڪس‘ جو ڏيک ڏيندو. مثال: مون اُڀي تَڙَ هيٺِ، پرِيُن پَڳهَ ڇوڙِيا.

مٿي ذڪر ڪيل هڪ سُر سامونڊي جي بيت جي هڪ ئي سٽ جي پهرين پد ۾ اوسيئڙو ڪندي وڻجاري جي زال جي ساڪن عڪس جي صورت ۾ عڪاسي ٿيل آهي، جڏهن ته ٻي پد ۾ پڳهه ڇوڙي ويندڙ وڻجاريءَ جي متحرڪ عڪس جي صورت ۾ عڪاسي ڪئي وئي آهي.

## نتيجو:

’عڪس‘، تخليقڪار طرفان ڪنهن منظر يا نظاري جي ظاهري صورت کي لفظن ذريعي ٻيهر وجود ۾ آڻڻ يا پيدا ڪرڻ جو نالو آهي.

لفظن جي اهڙي ترڪيب جنهن کي پڙهڻ سان پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ اهڙا عڪس پيدا ٿين يا اُڀري بيهن جيڪي ساڪن محسوس ٿين يا جن ۾ تحرڪ نه هجي، اهڙن عڪسن کي ’ساڪن عڪس‘ چئجي ٿو. مثال: سيئي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا.

اهڙو عڪس جنهن ۾ ڪنهن عڪس جي تحرڪ( حرڪت)کي ٻيهر پيش ڪيو وڃي يعني ڪنهن عڪس جي حرڪت پيش ڪئي وڃي ان کي ’متحرڪ عڪس‘ چئبو آهي. مثال: لاڄو تا لَنون، اَڄَن سڙَهِ اُپَٽيا.

عڪس جڏهن منجمند يا ساڪت آهي ته ’ساڪن عڪس‘ جي نشاندهي ڪري ٿو، پر جڏهن حرڪت ڪندي محسوس ٿئي ٿو ته ’متحرڪ عڪس‘ جو ڏيک ڏيندو. مثال: مون اُڀي تَڙَ هيٺِ، پرِيُن پَڳهَ ڇوڙِيا.

بيت جي هڪ ئي سٽ جي پهرين پد ۾ اوسيئڙو ڪندي وڻجاري جي زال جي ساڪن عڪس جي صورت ۾ عڪاسي ٿيل آهي، ٻي پد ۾ پڳهه ڇوڙي ويندڙ وڻجاري جي متحرڪ عڪس جي صورت ۾ عڪاسي ڪئي وئي آهي.

شاهه لطيف جي سُر سامونڊيءَ ۾ ساڪن ۽ متحرڪ عڪس جي مطالعي کان پوءِ ان ڳالهه جي وضاحت ٿي وڃي ٿي ته، عڪسي شاعريءَ جي حوالي سان شاهه لطيف جي شاعري، ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ مٿاهين پد تي پهتل نظر اچي ٿي.





## حوالا


١. ٻوهيو، الهداد، ’سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج‘. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٢٠١١ع، ص: ٣٨٤.

٢. ساڳيو، ص: ٣٨٤.

٣. ساڳيو، ص: ٣٨٤.

٤. ساڳيو، ص: ٣٨٥.

٥. عباسي، تنوير، ’شاهه لطيف جي شاعري‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١٥ع، ص: ١٥٥-١٥٦.

٦. ساڳيو، ص: ١٥٦.

٧. ساڳيو، ص: ١٧٥- ١٧٦.

٨. ساڳيو، ص: ١٧٥- ١٧٦.

**نوٽ:** هن مقالي ۾، شاهه لطيف جا بيت، هيٺئين رسالي تان کنيا ويا آهن:

- قاضي، امداد علي، امام علي، علامه، ’رسالو شاهه عبداللطيف جو‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد، ١٩٨٦ع.